# آمريت جي خاتمي جي پيک لسث

## THE CHECKLIST FOR ENDING TYRANNY

**PETER ACKERMAN AND HARDY MERRIMAN**

FROM THE BOOK: IS AUTHORITARIANISM STAGING A COMEBACK?
EDITORS: MATHEW BURROWS AND MARIA STEPHAN
THE ATLANTIC COUNCIL, 2015
TRANSLATION: DECEMBER 2016

# TRANSLATOR'S NOTES

# آمريت جي خاتمي جي پيڪ لسٽ

## پيٽر اڪرمين ۽ هاردي ميري مين

اچوڪي دور جا موتمار تظاد رياستن جي وچ ۾ نه بلڪه رياستن جي اندر آهن، آمر حڪمران پنهجي ئي عوام مٿان غاصب آهن. عام طور تي اهو مڃيو وڃي ٿو ته اهڙن مظلوم ماڻهن وٽ فقط ٻه رستا بچن ٿا: هڪ ته هو آمريت کي ان اميد تي برداشت ته ڪن وقت سان گڏ اها سڌرندي، نرم ٿيندي، ۽ ٻيو رستو اهو آهي ته ان خلاف پرتشدد مزاحمتي تحريڪ هلائجي. هڪ ٽيون رستو به نه صرف موجود آهي بلڪه اڪثر ان جو ئي استعمال ٿيندو رهيو آهي سو آهي عوامي طاقت ۽ اپار، عدم تشدد تي ٻڌل هڪ ڀرپور عوامي تحريڪ، جيڪي اڪثر ويجهي ماضيءَ ۾ اڀرنديون رهيون آهن جن جو ذڪر عام طور تي نه ٿو ڪيو وڃي. 1900 کان وٺي آمرن خلاف عام شهرين جي عوامي اپار جون اهڙيون تحريڪون هلنديون اچن ٿيون. گذريل 200 سالن جي تاريخ ۾ هر سال گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي تحريڪ هلندي رهي آهي. 1972 کان پوءِ عام شهرين جي طاقت تي ٻڌل اهڙين تحريڪن ڪيترن ئي ملڪن جي مستقبل جو تعين ڪيو آهي، جمهوريت طرف وک وڌائي آهي ۽ نتيجه ڏنا آهن. پر انهن ڪاميابين جي باوجود پاليسي جوڙيندڙ، عالم، صحافي ۽ سماج تي نظر رکندڙ ماڻهو عوامي اپار جي انهن عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪن جي ڪاميابين تي نظر نه ٿا وجهن ته ڪيئن عام ماڻهوءَ بغير تشدد جي جبر تي ٻڌل آمرن کي پرامن تحريڪن ذريعي شڪست ڏني آهي.

**پرامن عوامي اپار تي ٻڌل تحريڪن جو جائزو**

عوامي اپار ۽ مزاحمت تي ٻڌل اهڙين تحريڪن جا ويجهي ماضيءَ ۾ ڪيترائي مثال موجود آهن جن جبر تي ٻڌل حڪومتن جو خاتمو آندو ۽ عوام کي برابري تي ٻڌل شهري حق حاصل ٿيا. سال 2011 کان وٺي مصر، تيونس ۽ تازو 2014 ۾ يوڪرين جي عوام سڄي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، ڇو ته انهن تحريڪن جي اڀرڻ جي اڳڪٿي ڪنهن به نه ڪئي، شايد ڪنهن جي وهم گمان به نه هو ته عدم تشدد تي ٻڌل اهڙيون پر امن عوامي مزاحمت جون تحريڪون انهن ملڪن مان اڀرنديون، اهي بلڪل منفرد ۽ يگانيون تحريڪون هنيون. سال 2000 ۾ سربيا مان اڀريل رنگ واري انقلاب (ڪلر ريووليوشن)، 2003 ۾ جورجيا ۽ 2004 ۾ يوڪرين، انهن ملڪن ۾ هڪ ڍاڪو پهريان ڪنهن ماڻهوءَ به اهو نه پئي سمجهو ته اهڙيون تحريڪون پيدا ٿينديون ۽ جابر حڪمرانن جي خاتمي جو سبب بڻجنديون، 1986 ۾ جنرل فرڊيننڊ فرانڪو، 1988 ۾ چليءَ جي آمر جنرل پنوشي، 1989 ۾ پولينڊ ۾ سوويت پرست حڪمران ٽولي جي ڀڄاڻي ۽ 1992 ۾ ڏکڻ افريڪا ۾ ڪارن جي شهري حقن جي فتح وغيره.

عالمي توڙي علائقائي ماهر انهن عدم تشدد تي ٻڌل ڪامياب جدوجهدن جي وضاحت ڪرڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هو اڪثر اهو نتيجو ڪين ٿا ته اهي تحريڪون انهن ملڪن جي مخصوص حالتن جي پيداوار آهن. اهوان ڪري به جو انهن جا محرڪ ان ملڪ جي اندروني حلتن کي نظر ۾ رکي ڏنا وڃن ٿا، اهي محرڪ هڪ عمومي حڪمت عملي جي حصي طور نه ٿا ڏنا وڃن ته

ڪيئن عام شهري پنهجن حقن لاءِ جابرن ۽ آمرن خلاف اٿي بيهن ٿا. اسان جي ليکڪ کي اهو شايد نظر نه ٿو اچي پر جابر حڪمرانن کي اها ڳالهه ضرور ڪکي ٿي، نظر ۾ اٿن، ڪين عوام جي طاقت جي چڱيءَ طرح خبر آهي ته سندن حمرانيءَ کي سڀ کان وڏو خطرو انهن عام ماڻهن جي مزاحمتي تحريڪ مان آهي.

گذريل هڪ ڏهاڪي کان عوامي مزاحمتي تحريڪن ۾ اضافو ٿيو آهي، تنهن ڪري اهي ماڻهو جيڪي جمهوري تبديلي جي حمايتي آهن ڪين اها ڳالهه سمجهڻي پوندي ته اهي عوامي مزاحمتي تحريڪون ڇو ٿيون ڪامياب ٿين. عدم تشدد تي ٻڌل اهي تحريڪن ٻن مکيا سببن جي ڪري ڪامياب ٿيون ته: هڪ اهڙين تحريڪن کي پتو هوندو آهي ته آمريتي حڪومتون جبر تي ٻڌل هونديون آهن، هو پنهجي حڪمراني قائم رکڻ لاءِ عوام تي دٻاءَ ۽ جبر ڪن ٿا، ۽ ٻيو ته اهڙين حڪومتن ۾ سڀ ماڻهو جابرن جا وفادار نه ٿا هجن.

**عوامي مزاحمتي تحريڪون ڪم ڪيئن ڪن ٿيون؟**

مٿي بيان ڪيل انهن ٻن حقيقتن جي بنياد تي عوامي مزاحمتي تحريڪن جا ڪارڪن پنهجن ماڻهن کي منظم ڪن ٿا، ڪين آمريتي حڪومتن کان ڪٽي الڳ ڪن ٿا، جابر حڪمرانن سان وفاداري وارو رشتو ٽوڙين ٿا ۽ عدم تشدد جو رستو اختيار ڪن ٿا، ۽ بعد ۾ هڙتالن، بائيڪاٽ، عوامي احتجاج ۽ ٻين عملن ذريعي جبر تي ٻڌل سرشتي ۾ خلل وجهڻ شروع ڪن ٿا ته جيئن پنهجا حق، آزادي ۽ انصاف حاصل ڪري سگهن. عوامي مزاحمتي تحريڪ ۾ جڏهن عوام جو وڏو تعداد شامل ٿئي ٿو، مختلف شعبن، مڪتبه فڪر جا ماڻهو ان ۾ شامل ٿين ٿا ته پوءَ جابر حڪمران انهن مزاحمتي تحريڪن مٿان ڪيترو به تشدد ڪن، سي سمورا هٿڪنڊا ناڪام ٿين ٿا، ناڪافي ثابت ٿين ٿا، بلڪه انهن جو نتيجو ابتو نه ڪري ٿو، ماڻهن ۾ وڌيڪ غصو ۽ ردعمل پيدا ٿئي ٿو.

جيئن جيئن ردعمل وڌندو وڃي ٿو تيئن تيئن جابر حڪمرانن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿين ٿا، حڪومت کان وٺي ان جا ادارا، فوج، پوليس، نوڪر شاهي، ميڊيا ۽ معاشي ادارا، جيڪي رياست جي ڪم لاءِ مک هجن ٿا تن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿين ٿا. انهن ڏار پوڻ جي صورت ۾ جابر حڪومتن جا وفادار خود ان کان الڳ ٿيڻ شروع ڪن ٿا، جن قوتن ۽ ادارن جي اڏار تي جابر حڪمران پنهجو راڄ قائم ڪيو ويٺا هوندا آهن سي ٽٽڻ شروع ٿين ٿا. ادارتي ۽ حڪمرانيءَ جو واڳون ڪمزور ۽ پرڻ لڳن ٿيون، سندن حڪمن تي عمل ٺپ ٿئي ٿو، سندن رستا سوڙها ٿيندا وڃن ٿا، هنن جو حڪم مڃڻ وارا گهٽبا وڃن ٿا، عدم تشدد جي تحريڪ هلائيندڙ بل آخر ڪامياب ٿين ٿا، هڪ وڏي تبديلي ظهور پذري ٿئي ٿي.

**حالتون بمقابلا فن**

جيئن ته عوامي مزاحمتي تحريڪون تيزيءَ سان اڀري رهيون آهن ۽ انهن جا اثر تمام گهڻا آهن تنهن ڪري ضروري آهي ته انهن محرڪن جو جائزو وٺون جيڪي ان جي نتيجن جو تعين ڪن ٿا. ڇا ان جي پونيان ان ملڪ (خطي) جون حالتن جو هٿ هوندو آهي جيڪي عوامي اڀار جي تحريڪ جي ڪاميابيءَ

جو تعين ڪن ٿيون يا وري ٻنهي ڌرين جي ڪاميابيءَ جو تعين سندن حڪمت عمليون، هنرُ قدم ڪن ٿا ته ڪامياب ڪير ٿئي ٿو؟

اسان جنهن اداري جو حصو آهيون (يعني عدم تشدد ذريعي تظادن جي حل لاءِ ڪم ڪندڙ انٽرنيشنل سينٽر آن نان وايولينٽ ڪانفلڪٽ) ان اداري جي مقصدن جو هڪ اهم حصو اهو آهي ته عدم تشدد نقطي جو مطلب اهو به آهي ته تحريڪ جي اڳواڻن کي هي ڳالهه به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مخالف ڪٿي رد عمل ۾ تشدد جو رستو اختيار ته نه ڪندو. ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي ته عدم تشدد جي تحريڪ صرف انهن حڪومتن خلاف ڪامياب ٿي سگهي ٿي جيڪي آمر سخت نه هجن، يعني سفاڪيت ۽ بربريت تي ٻڌل ردعمل اختيار نه ڪن. پر اهڙا ماڻهو هيءَ حقيقت وساري ٿا وهن ته دنيا جي بدترين آمريتن کي عدم تشدد ذريعي شڪست ڏني وئي جن ۾ ڏکڻ افريڪا جي نسل پرست اقليتي حڪومت، فلپائين جو ڊڪٽيٽر مارڪوس، چليءَ جو پنوشي ۽ پولينڊ ۾ ڪميونسٽ حڪومت شامل آهي، ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ مصر ۾ ڊڪٽيٽر هسني مبارڪ ۽ تيونس ۾ بين علي شامل آهن. انهن سڀني حڪومتن ۽ حڪمرانن مان ڪنهن لاءِ به نه ٿو چئي سگهجي ته ڪي اهي رحمدل، گهٽ سفاڪ هنيون يا وري عوام جي تحريڪن کي دٻائڻ لاءِ ڪنهن به سفاڪ عمل ڪرڻ کان گهبرائڻ وارا ۽ پوئتي هٽڻ وارا هئا.

ان حوالي سان ڪافي انگ اکر پڻ موجود آهن. سال 2008 ۾ فريڊم هائوس تنظيم طرفان جاري رپورٽ ڪيترن ئي تحريڪن جو جائزو ورتو، تقريبن 64 اهڙن ملڪن جو جائزو پيش ڪيو جيڪي آمريت کان جمهوريت ڏانهن سفر ۾ هنيون. ان جائزي ۾ انهن سببن ۽ عنصرن جو جائزو ورتو جيڪي سول مزاحمتي تحريڪ مٿان اثر انداز ٿيا. 1975 کان 2006 تائين هلندڙ تحريڪن جو جائزو ورتو ويو. ان رپورٽ جو هڪ پيراگراف اوهان سان هتي ونڊجي ٿو: ” سول مزاحمتي تحريڪن جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ پٺيان جن عنصرن جو جائزو ورتو ويو انهن ۾ سياسي ۽ ماحولياتي سبب شامل نه هئا، پر اها صاف خبر پئي ته امير ۽ شاهوڪار سماجن جي بجاءِ شهرين جي مزاحمتي تحريڪون گهڻو ڪري غريب، پوئتي پيل پسمانده ملڪن ۾ ڪامياب ٿيڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. ان تحقيق ۾ اهڙي به ڪا شاهدي نه ملي جنهن مان اهو لڳي ته عوامي مزاحمتي تحريڪ پٺيان مذهبي توڙي نسلي اختلافن جو به هٿ ڪارفرما آهي. نه ئي ڪهڙو حڪمران يا غاصب حڪومتي نظام موجود آهي ۽ ان سان ڪو تحريڪ تي فرق پيو هجي.“

جنهن عنصر جو جائزو ورتو ويو ۽ ان جو اثر پڻ نظر آيو سو هو مرڪزيت تي ٻڌل حڪومتون. رپورٽ جي ليکڪن لکيو ته ” تحقيق ثابت ڪيو ته جتي به آمراڻي طرز حڪومت جيڪا مرڪزيت تي دارومدار رکي ٿي موجود آهي ان سان مهاڏو اٽڪائڻ، مزاحمتي تحريڪ هلائڻ نسبتن آسان آهي ان حوالي سان ته ان ملڪ جي ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ سولو آهي.

ان رپورٽ جو مجموئي طرح نتيجو اهو نڪتو ته تحريڪن جي ڪاميابيءَ جو تعين ملڪ جون حالتون ڪن ٿيون. ان رپورٽ جي ٽن سالن بعد هڪ ٻئي عالم اريڪا چينوويٿ ۽ ماريا اسٽيفن پنهجي ايوارڊ يافته ڪتاب ”عوامي مزاحمتي تحريڪون ڇو ٿيون ڪامياب ٿين“ ۾ 1900 کان 2006 جي عرصي تائين دنيا جي 323 ملڪن جي تحريڪن جو جائزو ورتو. جنهن ۾ هنن ثابت ڪيو ته دنيا ۾ عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪون 53 سيڪڙو ڪامياب ٿيون، جڏهن ته پرتشدد تحريڪون صرف 26 سيڪڙو ڪامياب ٿين

ٿيون. سندن تحقيق اهو پڻ ثابت ڪيو ته رياست جون پرتشدد ڪاروايون ۽ ٻيا عنصر توڙي جو اهڙين تحريڪن جي ڪاميابين تي اثر انداز ٿي سگهن ٿا پر ڪين اهڙا ڪي به سماجي، معاشي يا ادارتي ڍانچه نظر نه آيا جيڪي تحريڪن جي ڪاميابيءَ جو تعين ڪن. سمورين تحريڪن جو جائزو وٺڻ بعد هو ان نتيجي تي پهتا ته " اهي ماڻهو جيڪي ملڪ جي مقامي حالتن تي زور ڏين ته تي اهي ئي اهڙين تحريڪن کي ناڪام ڪن ٿا، پر نتيجو ته اهو آهي ته عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪون اڪثر ڪاميابي ماڻين ٿيون."

اها تحقيق ثابت ٿي ڪري عوامي اڀار جي تحريڪن بابت سماج ۾ روايتي غلط سوچ موجود آهي. سندن سوچ جو بنياد ئي غلط آهي. تحريڪن جون صلاحيتون ۽ حڪمت علميون ڪاميابي ۽ ناڪامي تي وڌيڪ اثر انداز ٿين بنسبت مقامي حالتون. اها سوچ غلط آهي ته ڪاميابيءَ جو تعين صرف حالتون ڪن ٿيون. مثلن آمريتن سان مهاڏو اٽڪائڻ وارين ڌرين کي پهريون فيصلو ته اهو ڪرڻو پوندو آهي ته مزاحمت ڪهڙي انداز سان ٿيڻ گهرجي. ان جي توقع رکڻ نامناسب نه ٿيندي ته جيڪڏهن نتيجي جي مٿان گهڻو اثر انداز ٻاهريون حالتون ٿينديون ته پوءِ ان صورت ۾ صرف ويڙهه ڪيئن ڪجي وارو نقطو ڪافي نه آهي. ان صورتحال ۾ تحريڪ تشدد واري هجي يا پرامن ٻنهي جو نتيجو ساڳيو نڪرندو بلڪه ڪيترن ڪيسن ۾ ايئن ئي ٿيو آهي.

پر انگ اکر ڪجھ ٻيو ٿا ٻڌائين، سال 1900 کان 2006 تائين ٿيل جهيڙن ۾ عوامي اڀار جون ڪيتريون ئي تحريڪون ڪامياب ٿيون آهن. ڪجھ ماڻهو اهو چئي سگهن ٿا ته پرامن جدوجهد وارا اهڙا مطالبا ۽ مسئلا کڻي ويڙهه ڪن ٿا جيڪي آسان ۽ حاصل ڪرڻ جهڙا هوندا آهن. پر هن تحقيق جي عالمن ان دليل کي اڳ واٽ ئي سمجهندي لکيو آهي ته "پرامن احتجاجي مزاحمتي تحريڪن جي وڏي اڪثريت آمريت تي ٻڌل حڪومتن خلاف ئي شروع ٿي آهي. جتي پرامن تحريڪن کي پڻ موتمار نتيجه ڀوڳڻ جهڙي صورتحال موجود هئي."

ان ساڳئي موضوع تي پنجاھ سال اڳ نوبل پرائز حاصل ڪندڙ معاشي ماهر ٿامس شيلنگ پنهجي لکيل ڪتاب "عوامي مزاحمت هڪ قومي دفاع جي شڪل ۾" لکيو هو ته "آمر ۽ ٿام شهري لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال ۾ آهن، عوام ڪيس سڀني شين کي محروم ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن وٽن هڪ منظم تنظيم هجي ۽ گڏيل طور ان کان انڪار ڪري سگهن. ۽ آمر پڻ عوام کان سڀ شيون ڇني الڳ ڪري سگهي ٿو، هو ڪين حڪومتي طاقت جي استعمال سان سڀني شين کان محروم ڪري سگهي ٿو. ٻنهي ڌرين وٽ اها هڪ بارگينگ واري صورتحال آهي، ٻنهي مان جيڪا منظم ۽ ظابطي ۾ هوندي ڪاميابي ان جي ٿيندي. "

شيلنگ جي مطابق عوامي مزاحمتي تحريڪ جن حڪمت عملين جي چونڊ ڪندي ان جو فائدو ۽ نقصان آهي، ساڳي طرح جابراڻي ۽ آمراڻي حڪومت پڻ جيڪا پاليسي اختيار ڪندي ان جا پڻ ٻئي نتيجه نڪري سگهن ٿا. ڪامياب اهو ٿيندو جيڪوبئي شيون ذهن ۾ رکي فيصلو ڪندو. عوامي مزاحمتي تحريڪ جو سمجهدار اڳواڻ چاهيندو ته اهڙيون حالتون پيدا ٿين جن جي ڪري آمر حڪمران کي وڌيڪ ماڻهو ڇڏي وڃن، جڏهن ته ظالم حڪمران وري مختلف هٿڪنڊن سان ماڻهن جي اطاعت جاري رکڻ چاهيندو جنهن ۾ اڪثر هو تشدد جو سهارو وٺندو آهي، هن جي ڪوشش هوندي آهي ته گهٽ تشدد ذريعي ماڻهن جي وڏي

آبادي کي غلام بڻائي رکي. ان جهيڙي جو نتيجو اهو نڪرندو ته ڪيترا ماڻهو هن جي رعيت ٿي رهڻ پسند ڪن ٿا يا بغاوت ڪن ٿا، جنهن جو تعداد وڌيڪ هوندو سو ئي آخر ۾ ڪامياب ٿيندو.

**چيڪ لسٽ (چاتي ڏيان ڏيڻ گهرجي)**

ڪنهن به عوامي مزاحمتي تحريڪ جي ڪاميابي پٺيان حڪمت عملي ۽ گرن جو اهم ڪردار هجي ٿو تنهن ڪري اسان کي انهن صلاحتين، هنرن جو جائزو وٺڻ گهرجي جيڪي مختلف تحريڪن ۾ عمل هيٺ آيون آهن، انهن مان 3 صلاحيتون ۾ حڪمت عمليون ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اهم آهن:

پهرين: ماڻهن کي گڏ جي صلاحيت
ٻين: عمل جي منصوبه بندي ڪرڻ
ٽين: پرامن ظابطو

عوامي مزاحمتي تحريڪ ۾ جيڪڏهن مٿيون صلاحيتون موجود آهن ته پوءِ سندن عمل مان هيٺيا ٿي رجحان صاف نظر ايندا:
پهريون: عوامي مزاحمتي تحريڪ ۾ خلق جو وڏو تعداد حصو وٺندي نظر ايندو
ٻيون: پرتشدد ڪاروايون ايترون موثر نه رهنديون بلڪه ان جا نتيجا ابتا نڪرڻ شروع ٿيندا
ٽيون: تحريڪ جا مخالف ماڻهون جابر حڪومتن جو ساٿ ڇڏيندا ويندا.

مٿين ٻنهي شين کي گڏائي اسين ان کي چيڪ لسٽ سڏيون ٿا جنهن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت آهي. مٿيان رجحان ۾ تبديليون اچڻ بعد عوام مزاحمتي تحريڪ جي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهن. اها هڪ اهڙي ته تاجي پيٽي آهي جنهن سان ماڻهن کي پنهجي تحريڪ جي موثر هجڻ ۾ سوچ کي پڻ ان راه تي منظم ڪرڻ جو ڏس ملي ٿو.

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان چيڪ لسٽ جو هڪڙو فائدو اهو به آهي ته تحريڪ دوران جيڪڏهن ماڻهو راه تا ٽڙي وڃي، اڳتي پوئتي ٿي وڃي ته ان تي نظر ڦيرائي جيڪا کيس واپس آٽي سگهي ٿي.
عوامي مزاحمتيءَ جو تحريڪون تمام گهٽيون پيچيده هونديون آهن، خاص ڪري جڏهن تحريڪون هلندڙ هونديون آهن ته ان وقت وڌيڪ عنصر ڪهڙا موثر آهن انهن جو تعين ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. اسان جو خيال آهي ته تحريڪ دوران ڪو ماڻهو جيڪڏهن مٿين ڳالهين جو جائزو وٺي، اهو ڏسي ته مٿيون صلاحيتون ۾ رجحان موجود آهن يا نه ته کيس تحريڪ جي ڪمزورين، سگهه ۾ مستقبل جي خبر پئجي ويندي.

انهن جا وڌيڪ تفصيل اسين هيٺ ڏئي رهيا آهيون:

**پهريون: ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي صلاحيت**
جابر ۽ آمر حڪرانن کي ماڻهن کي وراهيو ۽ حڪومت ڪريو جو تمام گهڻو تجربو حاصل آهي تنهن ڪري جيڪي ماڻهو کين چيلينج ڪن ٿا انهن وٽ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي صلاحيت وڌيڪ هجڻ گهرجي. ايڪو پيدا ڪرڻ، ان کي برقرار رکڻ هڪ اهڙو ڪم اهي جنهن جون ڪيتريون ئي شڪليون

آهن، جنهن جو مک مقصد اهو ته هجي ته حڪ اهڙو وزن جوڙڻ جنهن تي ماڻهن جو پروسو هجي، هو يڪراءِ هجن، تڏهن ئي سندن پڌي قائم رهي سگهي ٿي. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن تحريڪ جي اڳواڻن پنهجي عوام (خلق) جي قدرن جي خبر هجي، هنن جي باري ۾ گهري ڄاڻ حاصل هجي، ماڻهن جي اهنجن ۽ اميدان کان واقف هجن. ان ڄاڻ جي بنياد تي ئي مسقبل جي خوابن ۽ مقصدن جو چارٽر، منشور جڙي سگهي ٿو، ۽ بعد ۾ عوام تائين پهچائي سگجهي ٿو ۽ ان جي بنياد تي ماڻهن کي متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. بهتر مقصد ماڻهن عمل لاءِ اتساهه بخشيندو ۽ اجتمائي مقصد لاءِ اڳتي وڌڻ لاءِ همت ڏيندو.

ايڪو قائم ڪرڻ لاءِ قيادت جي موجودگي پڻ اهم آهي ۽ ان سان گڏ اهڙو تنظيمي ڍانچو جيڪو ماڻهن جي نظر ۾ صحيح هجي چو ته تحريڪ ۾ حصو وٺڻ هڪ رضاڪاراڻه عمل آهي، اڳواڻن وٽ ڪو رسمي ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول موجود نه هوندو آهي جنهن ذريعي هو ماڻهن کي منظم ۽ متحرڪ ڪري سگهن. ٻين لفظن ۾ تحريڪ ۾ فيصلا اهڙي طرح ڪرڻ ۽ ٿيڻ گهرجن جو ماڻهو نه صرف صحيح بلڪه جائز سمجهن. هر تحريڪ جا فيصلا ساز ادارا ۽ سرشتا مخلتف هوندا آهن، ڪن ۾ صرف مرڪزي اڳواڻ گڏي ڪندا آهن ته ڪن ۾ وري هيٺين سطح تائين فيصلا سازي ڪئي ويندي آهي. هر تحريڪ جي اندر اڳواڻ ڪانسواءِ به ڪيترائي اهڙا مقامي اڳواڻ گهرجن جن وٽ ماڻهن کي ميڙ مٺ ڪري هلائڻ جو هنر هجي، اتحاد ٺاهڻ ، ڳالهيون ڪرڻ ۽ مختفل گروهن جي مفادن کي نظر ۾ رکندي معاملا اڳتي وڌائڻ جي صلاحيت هجي. ڊگهي عرصي تائين عوام ۾ ايڪو قائم رکڻ لاءِ لائق ۽ قابل قيادت جو هجڻ ضروري آهي.

اهڙي ئي قيادت ۽ ايڪي جو مثال اسين 1980 جي ڏهاڪي ۾ ڏکڻ افريڪا ۾ ڪارن جي هلايل تحريڪ ۾ ڏسي سگهون ٿا. اپارٿائيڊ خلاف مهم سوين ننڍا ننڍا اتحاد ٺهيا جن حڪومت جي نڪ ۾ دم ڪري ڏنو، ميونسپل ڪميٽي طرفان پاڻي نه ملڻ کان وٺي ضروري خدمتن جو مطالبوبه شامل هو ته اپارٿائيڊ جي خاتمي جو مطالبو پڻ. اهي سڀ گروپ جيڪي وري هڪ وڏي اتحاد يونائٽڊ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جو حصو هئا، انهن جا اڳواڻ مقامي سطح تي مختلف ۽ ٻيا هئا جنهن ڪري سندن حڪمت عملين ۾ مقامي سطح تي ٻيا اشوز هئا، مثلن بازارن ۾ شيون خريد ڪرڻ جو بائيڪاٽ وغيره ۽ ساڳئي وقت قومي سطح تي تحريڪ جو حصو پڻ رهيا.

**ٻيون: عملي منصوبه بندي**

موثر شهري مزاحمتي تحريڪ هڪ انهائي پيچيده عمل آهي، عام طور تي ماڻهو ان کي ڏاڍو آسان وٺندا آهن چو ته سندن نظر ۾ پرامن جدوجهد جو مطلب صرف جلوس ڪڍڻ هوندو آهي، ها ايئن ضرور آهي پر جلوس ڪڍڻ حڪمت عملي جو صرف هڪ حصو آهي. جيڪي تحريڪون موثر ۽ جاندار هونديون آهن انهن کي خبر هوندي آهي ته ڪهڙا اپاءَ ۽ گر استعمال ڪجن، ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪهڙي وقت ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪجي ۽ ان جي سرواڻي ڪير ڪندو، ان عمل جو فوڪس سماج جي ڪهڙي حصي تي هوندو ۽ بعد ۾ ٻيا ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن، مطلب ته هڪ مربوط حڪمت عملي گهربل هجي ٿي.

مٿين سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ لاءِ پنهجي مخالف قوتن جي طاقت، ڪمزورين جو ڪاٿو لڳائڻ بعد تفصيلي منصوبه بندي گهري غور ويچار بعد ڪرڻي پوندي آهي. عمل جي ميدان ۾ گهڙڻ کان پهرين ان ڳالھ جو به اندازو لڳائڻ گهرجي هي چڪتاڻ ڪيتري حد تائين وڃي سگهي ٿي، ۽ امڪاني طور اسان جا ملڪ جي اندر ۽ ٻاهر ڪهڙا اتحادي ٿي سگهن ٿا جيڪي ان چڪتاڻ تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. ان قسم جي وسيع نظر رکڻ جي صورت ۾ تحريڪ جا ساٿي هڪڙو پلان جوڙي سگهن ٿا جنهن ۾ ننڍي مدي کان وٺي ڊگهي عرصي جي منصوبه بندي شامل هجي. جيئن عمل جي ميدان ۾ لهبو ته حالتون تبديل ٿيندي نظر اينديون، انهن جو جائزو وٺي گهربل تبديليون ڪرڻيون پونديون. واضع سوچ ۽ جنهن انداز منصوبه بندي ڪئي وڃي ٿي سي ٻئي عنصر تمام گهڻا اهم آهن.

جڏهن عمل شروع ٿي چڪو هوندو آهي، تحريڪ هلندڙ هوندي آهي تنهن وقت اسان کي مورضي حالتن ۾ تحريڪ جي اڳواڻن جي صلاحيتن جي وچ ۾ ويجهڙائي وارو تعلق نظر اچي ٿو. ڇو ته عملي منصوبه بندي جو بنياد موروضي حالتون هونديون آهن جن جو جائزو وٺڻو پوندو آهي ته تحريڪ لاءِ فائديمند آهن يا نقصانڪار. ان بعد ئي تحريڪ فائديمند حالتن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

هلندڙ تحريڪ دوران منصوبه بندي جي حساس ڪردار جي نوعيت جو اندازو پولينڊ ۾ يڪجهيتي جي 1980 واري تحريڪ آهي. پورهتين کي پنهنجن ڪمزورين ۽ طاقت جو اندازو هو جنهن جي بنياد تي هنن آزاد مزدور تحريڪ جو مطالبو ڪيو ته ملڪ ۾ ٽريڊ يونين آزاد هجڻ گهرجن. پر هنن مزدور ان وقت ڪميونسٽ حڪومت جي خاتمي جو مطالبو نه ڪيو، هنن پنهجي توجه مزدورن جي ايڪي تي ئي رکي، هڙتال جو اعلان ڪيو، ڪم جي جائين تي قبضه ڪيا، ان کان اڳ ڪيل هڙتالن ۾ هنن فيڪٽرين جي ٻاهران احتجاج ڪيا هئا. پورهيتن جي جدوجهد کي وڏيڪ تقويت ميڊيا جي متبادل ۽ ازاد ادارن ڏني جيڪي ان تحريڪ کان اڳ ئي قائم ٿي چڪا هئا. ان ڊگهي عرصي تائين هلندڙ تحريڪ بل آخر اهو وڏو سياسي مقصد پڻ حاصل ڪيو جنهن هيٺ پولينڊ ۾ 1989 ۾ جمهوري انقلاب آيو.

**ٽيون: عدم تشدد جو نظم وظبط**

تحريڪ دوران عدم تشدد وارو نظم و ضبط برقرار رکڻ انتهائي اهم هجي ٿو ڇو ته تحريڪ دوران ڪيترائي چڙ ڏياريندڙ عمل ٿيندا آهن، هٿڪنڊا استعمال ڪيا ويندا آهن، پر ان قسم جو ظابطو ان تحريڪ جو روح هجي ٿو چاڪاڻ ته ان سان تحريڪ ۾ ٻيا عام شهري پڻ شامل ٿين ٿا، مخالف جڏهن تشدد جو استعمال ڪريٿو ته کيس خبر آهي ته ان جي قيمت ڳري هوندي، پر امن ماڻهن مٿان تشدد ڪرڻ سياسي حوالي سان تمام گهڻو هاڃيڪار ثابت ٿيندو رهيو آهي، مخالف ڌر ۾ ڏار به پئجي سگهن ٿا ۽ سرڪار کي ان جا وفادار ڇڏي به سگهن ٿا. اهڙا ڪيترائي مثال چينوويٿ ۽ اسٽيفن جي تحقيق ۾ موجود آهن. عدم تشدد ۽ پر تشدد تي ٻڌل تحريڪن ۾ اهي اهم فرق آهن جن سان سندن ڪاميابي ۽ ناڪامي جا چانس وڌي ويندا آهن.

تحريڪ جي اندرعدم تشدد وارو ظابطو تڏهن ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن ان ۾ شامل ڪارڪنن کي اعتماد هجي ته هو عدم تشدد جي رستي ذريعي پنهجا مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا. ان حوالي سان ڪارڪنن کي سول مزاحمتي تحريڪ جي ڪم ڪار بابت مفصل معلومات مهيا هجڻ انتهائي ضروري

آهي، ماڻهن کي اها به پليءَ پت خبر هجڻ گهرجي ته هن قسم جون تحريڪون ڪامياب ٿينديون آهن. ان ڪري تحريڪون پنهجي اندر ان قسم جي رجحانن، روايتن ۽ ڪلچر کي عام ڪن ته عدم تشدد جي تحريڪ هڪ بهترين رستو آهي جنهن جي ادر پرتشدد عمل کي هرگز شامل ٿيڻ نه ڏجي. سربيا جي ڊڪٽيٽر سلوبدن ملاسوڪ کي جڏهن اتي جي ماڻهن تحريڪ ذريعي هٽايو پئي ته هنن تحريڪ ۾ شامل ٿيندي ماڻهن کي عدم تشدد واري تحريڪ بابت ڄاڻ ڏني پئي ۽ سندن تربيت ڪئي پئي.

هن قسم جي تحريڪن کي عدم تشدد جو رستو اختيار ڪرڻ اخلاقي جواز ۽ دليل ڏيڻ جي ضرورت نه ٿي هجي بلڪه ان جي برعڪس اڳواڻ ڪارڪنن کي عدم تشدد واري تحريڪ جا فائده سمجهائيندا آهن.
تازو جيڪو شام ۾ ٿي رهيو آهي ته ماڻهن عدم تشدد جي رستي کي ترڪ ڪري هٿيار کنيا، نتيجي ۾ وڏي تباهي سڀني جي سامهون آهي.

چوٿون: **عوامي مزاحمتي تحريڪ ۾ عام شهرين جي شموليت کي وڌائڻ**
عوامي مزاحمت جون تحريڪون تڏهن ڪامياب ٿي ٿين جڏهن انهن ۾ عام ماڻهو وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿين ٿا. تحريڪ ڪامياب ان ڪري به ٿئي ٿي جو گهٽي کان گهٽا ماڻهو حڪومت سان وفاداريون ختم ڪري آمريت کي ڪمزرو ڪن ٿا. عوامي حمايت وڃائڻ بعد آمريتي حڪومت جي لاءِ حڪمراني جاري رکڻ وڌيڪ مهنگو ڪم بڻجي وڃي ٿو. تاريخ مان ڪيترين ئي شاهديون ملن ٿيون جن مان ثابت ٿئي ٿو ته جڏهن عوام وڏي تعداد ۾ اهڙين تحريڪن جو حصو بڻجن ٿا ته آمريتون جهڪي پون ٿيون.

ان جو هڪ ٻيو مثال مصر جو آهي جتي سال 2011 ۾ لکين ماڻهن آمريت مخالف مظاهرن ۾ شرڪت ڪئي، تيونسيا ۾ پڻ سماج جي مختلف طبقن، ننڍن توڙي وڏن ماڻهن، مردن توڙي عورتن، مذهبي توڙي سيڪيولر گروهن ، هيٺئين ڪلاس کان وٺي مڊل ڪلاس جي ماڻهن، شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي ماڻهن ان تحريڪ ۾ زبردست حصو ورتو نتيجي ۾ آمريت جي تڏا ويڙهه ٿي. ان عوامي اڀار جي برعڪس 1989 ۾ چين ۾ شاگردن جي تحريڪ بري طرح ناڪام ٿي، اهڙي طرح 2009 واري گرين تحريڪ پڻ ناڪام ٿي ڇو ته انهن تحريڪن ۾ عام ماڻهو وڏي تعداد ۾ شامل نه ٿيو.

اسان جيڪا هتي ڌيان ۾ رکڻ لاءِ جيڪا چيڪ لسٽ ڏني آهي ان ۾ عوام جي وڏي اڪثريت کي پنهجي پاسي ڪري تحرڪ ۾ آڻڻ کي اوليت ڏني آهي. بهتر مسقبل جو تصور عوام ۾ يڪسوئي پيدا ڪري ٿو ۽ کين عمل لاءِ آماده ڪري ٿو. عمل دوران منصوبه بندي جا عنصر ماڻهن ۾ اعتماد پيدا ڪن ٿا، سندن امڪان خدشن کي دور ڪرڻ ۾، سندن وقت جي صحيح استعمال ۽ تحريڪ لاءِ قرباني ڏيڻ جو جذبو پيدا ڪن ٿا. هڪ موثر حڪمت عملي جو ڪمال اهو آهي ته هر طبقي، امير، غريب، پوڙهن توڙي نوجوانن کي پنهجي ڍنگهه جو ڪم ڪرڻ لاءِ گهربل گنجائش ڏئي. عدم تشدد تي ٻڌل تحريڪ جو ڪمال به اهو آهي ته اها هر قسم جي ماڻهوءَ کي ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ڏئي ٿي، جڏهن ته هٿياربند ويڙهه فقط ڪجهه تربيت يافته ماڻهو ئي حصو وٺي سگهن ٿا.

**پنجون: طاقت جي استعمال جي منفي نتيجا**
آمريتي حڪومتن جي هٿن ۾ جيڪو وڏو هٿيار هوندو آهي سو ڏنڊي جو استعمال يعني طاقت جو استعمال، تشدد ۽ ظلم جو استعمال. تنهن ڪري عوامي اڀار جي تحريڪن کي سوچڻ گهرجي اهڙن پرتشدد

ڪاروائين جو توڙ ڇا آهي، ڪيئن هڪ جابر حڪمران کي مجبور ڪجي ته هو طاقت جو استعمال نه ڪري سگهي. هن کي اها ڳالهه باور ڪرائجي ته طاقت جو استعمال ڪرڻ سندس فائدي جي بجاءِ نقصان وڌيڪ ڏيندو. پر ان کان به اڳ ضروري آهي ته خطرن (رسڪ) جو جائزو ورتو وڃي. ان جائزي وٺڻ بعد اهڙن عملن جي چونڊ ڪئي وڃي جن سان حڪومتي پرتشدد ڪاروائين جو امڪان گهٽ هجي. مثلن جڏهن تشدد جو خطرو وڌيڪ هجي ته ان صورت ۾ وڏا عوامي جلسه ڪرڻ نٿائجي، ڇو ته جڏهن ماڻهو ٻاهر روڊن تي ايندا ته تشدد جو امڪان رهندو، پر ان جي جاءِ تي وقتي طور عوامي ردعمل ۾ حڪومت کي مڃڻ کان انڪار جا ٻيا به ڪيترائي رستا موجود آهن مثلن ڪجھ شين جو بائيڪاٽ ڪرڻ، هڙتال ڪري گهر ويهي رهڻ، مزاحمت جا ڪجھ نشان ڪڻ عوام جاين تي بيهي رهڻ وغيره انهن عملن سان جابر حڪومت لاءِ ڏکيو ٿي پوندو ته هو اهڙن پر امن شهرين مٿان تشدد ڪن.

1983 ۾ چلي جي حڪمران آگوسٽو پنوشي جي خلاف ماڻهن تمام وڏي تحريڪ شروع ڪئي، پر ان دوران هو سندس بربريت کان به بچڻ چاهين پيا. پنوشي جي آمريت هڪ ڏهاڪي تائين ماڻهن کي وڏي پئماني تي گرفتار ڪيو، ڦاهيون ڏنيون، تشدد جو نشان بڻايو، جبري طور گم ڪيو ويو، اهو سڀ ڪجھ ان ڪري ڪيو ويو ته جيئن ماڻهو ٻاهر پنهجو آواز اٿارڻ نه اچن. اپريل 1983 ۾ ڪوپر جي مائينز ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن سينٽياگو جي ٻاهران هڙتال جو سڏ ڏنو پر پنوشي رتوڇاڻ جي ڌمڪي ڏنو ته هڙتال کان اڳ هو پنهجي فوج موڪليندو، سندس ان ڌمڪي کان اڳ مزدورن جي اڳواڻ رتوڇاڻ کان بچڻ لاءِ هڙتال جو سڏ واپس ورتو ۽ ان جي بدلي سڄي ملڪ ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ته جيڪو به هن تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ چاهي اهو ڪم به سست رفتار سان ڪندو، گاڏي بي سست رفتار سان هلائيندو ۽ پنڌ به سست رفتار سان ڪندو. سندس ان سڏ جي موٽ تمام زبردست رهي، بلڪه غير معمولي طور ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد ماهوار هڙتالن جا سڏ ڏنا ويا. پورهيتن جو اهو پهريون قدم هو جنهن سان خوف جي فضا ٽٽي ۽ پنوشي جي دهشت جي دور ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا. ڇو ته جڏهن ماڻهن ڏٺو ته سندن پرامن محدود احتجاج جو ڪو وڏو پرتشدد حڪومتي ردعمل نه ٿو اچي ته هنن لاءِ رسڪ گهٽجي ويو، سندن دل وڏي ٿي، ۽ پنوشي جي فوج سامهن ڪو جواب نه رهيو ته هو ان هيٺين سطح تائين احتجاج ڪيئن منهن ڏين ۽ ڇا ڪن.

حڪومتي تشدد جي خطري کي گهٽائڻ ۽ ان کان بچڻ جا ٻيا به ڪيترائي طريقا آهن، يا وري ايئن ڇئون ته وقت جي حڪومت کي اها ڳالهه سمجھ ۾ اچي وڃي ته تشدد سان کين فائدي جي بجاءِ نقصان وڌيڪ ٿيندو. ان لاءِ هڪڙي حڪمت عملي ته اها ٿي سگهي ٿي ته حڪومت جي برطرفيءَ جو مطالبو ڪرڻ جي بجاءِ صاف پاڻيءَ جو مطالبو ڪرڻ، شهرن ۽ پاڙن ۾ امن قائم ڪرڻ وغيره جهڙا معاملا اٿاري ماڻهن کي متحرڪ ۽ گڏ ڪجي ته جيئن حڪومت اهڙن احتجاجن خلاف بربريت جو مظاهرو ڪيو ته ان جو عوامي ردعمل وڌيڪ ايندو. مثال طور مصر ۾ سال 2010 ۾ سماجي ڪارڪن جيڪو گهڻو ڪري انٽرنيٽ تي سرگرم هوندو هو، بلاگس لکندو هو، هن خلاف حڪومت ڪاروائي ڪئي، کيس هڪ انٽرنيٽ ڪيفي مان ڪنهي ڪنيو ويو، کيس تشدد ڪري ماريو ويو، هن جو ڏوهه صرف اهو هو جو هن حڪومتي ڪرپشن کي ظاهر پئي ڪيو ۽ ان تي قلم کنيو. حڪومت مخالف گروپن فيس بڪ تي گڏجي مهم شروع ڪئي ۽ چوڻ لڳا ته ”اسين سڀ خالد سعيد آهيون“. هنن ان عمل ذريعي صرف حڪومتي ان

ڪوشش ڪي رد ڪيو جنهن حڪومت هن جي زندگيءَ ڪي غير قرار ڏئي رهي هئي. پر عوام هن موت تي خاموش ٿي نه ويٺو ۽ جنهن تشدد جو مظاهرو حڪومت ڪيو ان جو نتيجو حڪومت جي ڇڪڃيءَ ۾ پيو.

**ڇهون: تحريڪ جي مخالفن ۾ ڏار وجهڻ**

وقت سان گڏ جيئن عوامي مزاحمتي تحريڪ وڌندي رهي ٿي تيئن ڪافي ماڻهو پنهجيون وفاداريون تبديل ڪن ٿا. حڪومتي ڌر جا سرگرم توڙي خاموش ماڻهو وفاداريون تبديل ڪرڻ شروع ڪن ٿا. مثلن حڪومت ۾ ويٺل سڌارپسند ۽ انتها پسند سرڪار مٿان قبضو ڄمائڻ لاءِ پاڻ ۾ اندروني ويڙهه شروع ڪندا آهن. معاشي دٻاءَ هيٺ ممڪن آ ته سرڪار ڪجهه مطالبه مڃي وڃي ته جيئن ملڪ جي معيشت جو ڦيٿو هلڻ لڳي. تحريڪ هلڻ سان حڪومت ڪيترن ئي دٻائن جو شڪار ٿيندي آهي.حڪومت جي وفادار نوڪر شاهي، فوجي، پوليس ۽ پيا ممڪن آ ته حڪومت کي ڇڏين ڏين، اهو به ممڪن آ ته هوحڪومت مان بيزار هجن ڇو ته سندن خاندان جا ميمبر ۽ دوست ممڪن آ ته ان تحريڪ جو حصو هجن. ايتري حد تائين جو مٿيون طبقو جيڪو هونئن ته سرڪاري جو حصو هوندو آهي، سندن همدرد هوندو آهي، پر انهن جي دلين ۾ به شڪ پيدا ٿئي ته آيا هيءَ حڪومت برقرار رهندي به يا نه! ۽ ممڪن آ ته اهي ماڻهو آڏريا ٿي بيهي رهن ڇو ته هو تاريخ جي هن نازڪ موڙ تي ڪنهن غلط صف ۾ نه ٿا بيهڻ چاهين.

ان حوالي سان 2004 ۾ يوڪرين ۾ آيل اورينج انقلاب جو ئي مثال وٺو جتي باغين شعوري طور تي فوج سان ڳالهين جو سلسلو جاري رکيو ۽ ان ۾ هنن ريٽائرڊ فوجين جي ذريعي ڳالهيون ڪيون. وقت سان گڏ مخالف ڌر ثابت ڪيو ته هو پرامن آهن ۽ معقول ڳالهين ۾ يقين رکن ٿا، سلامتي ادارن کي هنن اپيل ڪئي ته اچي ماڻهن جي جاين ۽ جانين جو تحفظ ڪيو، هنن ته پوليس وارين گلاب جا گل تحفي ۾ ڏيڻ شروع ڪيا ته هو جهيڙو نه ٿا ڪرڻ چاهين. پر گڏوگڏ هو سرڪار جي ڪرپشن جي پٽ پڙ وائکي ڪندا رهيا.نتيجي ۾ اڳتي هلي هنن سپاهين جو ساٿ ۽ همدردي حڪومت کان ڇني پاڻ حاصل ڪيو. جڏهن حڪومت مخالف ڌر مٿا جبر ۽ تشدد ڪرڻ شروع ڪيو ته ڪيترائي فوجي توڙي سپاهي اڏريا رهيا. سربيا ۾ ميلوسوچ جي حڪمراني جي آخري ڏينهن ۾ به ايئن ئي ٿيو. اتي سربيا ۾ توٽي جو فوج ۽ پوليس بغاوت نه ڪئي پر هنن حڪومت جا حڪم ٻڌا اڻٻڌا ڪري ڇڏيا. اٽپور آڪٽوبر 5 واري بغاوت جي آخري ڏينهن ۾ هڪ پوليس آفيسر کي هيلڪاپٽر مان ڪيميل مادو مظاهرين مٿان اڇلائڻ جو حڪمنامو مليو جيڪو هن نه مڃيو ان وقت ته هن اهو چيو ته خراب موسم جي ڪري ڪيس زمين تي مظاهرين صحيح طرح نظر نه پئي آيا، توٽي جو ان ڏينهن سج جي روشني جام هئي، پر بعد ۾ هن قبول ڪيو ته هن ڪيميل مادو ڇاٽي واٽي نه اڇلايو جو ڪيس ٻڌ هو ته سندس خاندان جا ماڻهو پڻ ان ڏيهن ريلي ۾ شريڪ هوندا.

ان قسم جون بغاوتون يا عملدارن جو آڏريو ٿيڻ سوسائيٽي جي ڊگهي جدوجهد جو نتيجو هوندو آهي. سرڪار کان لاتعلق ٿيڻ ۾ پلي ڪن ماڻهن جا ذاتي مفاد هجن پر ڪين اهڙو فيصلو ڪرڻ ۾ وقت لڳي ٿو. جن تحريڪن ۾ ايڪو هوندي آهي ۽ منظم هجن ٿيون، پرامن رهن ٿيون تن جي صفن ۾ پس وپيش تمام گهڻن مختلف مڪتبه فڪر جا ماڻهو شامل ٿين ٿا، مختلف طبقن ۽ فڪرن جي ماڻهن کي شامل ڪرڻ سان جڏهن تحريڪ نازڪ موڙ تي پڄي ٿي تڏهن سرڪار جا ماڻهو وفاداريون مٽائين ٿا ۽ مخالف ڌر جي تحريڪ جو حصو بڻجن ٿا. پر ان لاءِ پرامن جدوجهد ۾ ايمان هجڻ، منصوبه بندي جو هجڻ ضروري آهي. پر جيڪڏهن ڪا به مخالف ڌر جي تحريڪ پرتشدد بڻجي ٿي، يا ان مان اهوخطرو موجود رهي ٿو

تڏهن سرڪار جا وفادار ماڻهو تشدد جي ڊپ کان سرڪار سان چنبڙيا پيا هوندا آهن. جيئن شام واري بغاوت ۾ سال 2011 ۾ ٿيو.

**ٻاهرين قوتن تي اثر**

هيءَ چيڪ لسٽ نه صرف مخالف ڌر جي تحريڪن لاءِ فائديمند آهي بلڪه ٻيا ماڻهو پڻ ان مان فائدو وٺي سگهن ٿا ته ڪنهن چڪتاڻ ۾ سندن ڪردار ڇا هجي. مثال طور صحافين کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ هيءَ چيڪ لسٽ ڪافي مدد ڏئي سگهي ٿي ته عدم تشدد واري تحريڪ ڪيئن ڪم ڪري ٿي، هو ڇڪتاڻ کي صحيح نموني سمجهي سگهن ٿا. کين خبر پئي سگهي ٿي ته ڪيترا عام شهري تحريڪ جو حصو ٿي رهيا آهن، ۽ ڇو ٿي رهيا آهن، آيا حڪومتي ڪارندا سرڪار جا حڪم دل سان مڃي ۽ ان تي عمل ڪري رهيا آهن يا نه، حڪومت پرتشدد ڪارواين جو اثر سرڪار فائديمند پيو نڪري يا الٽو سرڪار کي ڳچيءَ ۾ پوڻ وارو آهي. حڪومت ڪارباري طبقي جي حمايت ڇو وڃائي رهي آهي، يا واري يوڪرين واري بغاوت ۾ صدر فئبروري 21 تي ملڪ مان ڪهڙين حالتن جي ڪري ڀڄي ويو ڇو ته سندس ڀڄي وڃڻ کان ڪجھ ڪلاڪ اڳ ئي سرڪار مظاهرين مٿان بدترين تشدد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو جنهن جو اثر ابتو نڪتو. ان قسم جون ٿيندڙ تبديليون صحافين با آساني وقت کان اڳ سمجھ ۾ ايندي‌ون جيڪڏهن هو هن قسم جو تحريرون پڙهن ۽ تحريڪن جي نوعيت کي سمجهن.

ساڳي طرح جيڪڏهن پاليسي ٺاهيندڙ هن قسم جي چيڪ لسٽ کي اڳواٽ پڙهن ۽ سمجهن ته هنن لاءِ به مددگار ٿي سگهي ٿي. شام ۾ 2011 جي يونئين حصي ۾ شهرين جي مزاحمت ڪافي موقعا فراهم پئي ڪيا، اسد جي حڪمراني خلاف هلايل تحريڪ کي ٻاهرين قوتن سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي. ان وقت ڪيترائي اسد جا وفادار ڪيس ڇڏي وڃي رهيا هئا، نه صرف سني سپاهي بلڪه ٻيا پڻ، ان وقت هنن سيني اسد جي حمراني مان جند آجي ڪرڻ ۾ ئي پنهجي فتح پئي سمجهي. اسد حڪومت يونين پساهن ۾ هئي ان جي هڪ ٻي نشاني ڪارباري برادري طرفان هن سان لاتعلقي وارو مرحلو شروع ٿيڻ هو. اهڙين حالتن ۾ فري سيرين آرمي ذريعي هٿياربند ويڙهه شروع ڪرڻ وڏي غلطي هئي، ان جا نتيجا منفي نڪتا. هي چيڪ لسٽ ٻاهرين قوتن کي مقامي ماڻهن جي جمهوري ۽ آزاديءَ جي تحريڪن کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي. مثال طور اسان جن پهرين تن صلاحيتن جو ذڪر ڪيو آهي انهن جي بهتر حوصلا افزائي صرف بهتر رابطي ذريعي ڪري سگهجي ٿي. گڏيل قومن جي انساني حقن بابت گڏيل پڌرنامي جي 19 آرٽيڪل هيٺ ڪا به جابر حڪومت پنهجي شهرين کان اظهار جي آزادي جو حق نه ٿي کسي سگهي. چيڪ لسٽ ۾ ذڪر ڪيل ڇهن عنصرن کي ٽيڪنيڪل جدت ذريعي انهن لاڙن ۽ ذڪر ڪيل ٽن صلاحيتن کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو.

**چيڪ لسٽ ۾ تضاد جيڪي اسان جي مستقبل جو تعين ڪندا**

جنهن ماحول ۾ عدم تشدد واريون تحريڪون هلن ٿيون سو تمام گهڻو پيچيده آهي، جنهن لاءِ هيٺئين سطح تائين رابطه ڪاري، فتح لاءِ حڪمت عملي گهربل هوندي آهي، پر ان تحريڪ جا ڪارڪن ان پيچيده ماحول ۾ مونجهاري جو شڪار به ٿين ٿا، مثلن غلط فيصلا ڪرڻ جو خوف به هنن ۾ رهي ٿو، ڇو ته غلط فيصلو ڪيترن ماڻهن جي زندگي وڃائي سگهي ٿو ۽ ڪن ماڻهن جي ذهنن ۾ وڻل فريب وڌيڪ

مضبوط ٿي سگهي ٿو ته هي آمر ناقابل شڪست آهي. هي چيڪ لسٽ تحريڪ جي اڳواڻن کي جدوجهد جي واڌ ۽ ان جي لاهن چاڙهن کان واقف ڪري ٿو. ڪي ماڻهو چئي سگهن ٿا ته ڪنهن به ملڪ ۾ سياسي ۽ ٻيا عنصر ايترا گهڻا ۽ مخلتف هوندا آهن جن ۾ ڪنهن هڪ چيڪ لسٽ جي ذريعي آمريت کي ختم ڪرڻ واري رستي کي آسان ڪرڻ تمام سادي ڳالهه آهي ۽ ٻيو ته جدوجهد دوران نازڪ صورتحال لاءِ فيصلا سازي کي تمام گهڻي توجه گهربل هوندي آهي جنهن جو فوڪس مقامي حالتن تي منحصر هوندو آهي.

پر ڏسو هي چيڪ لسٽ اهو نه ٿي چئي ته مقامي عنصرن ۽ حالتن کي ذهن ۾ نه رکو، ان جي بر عڪس انهن مقامي حالتن، منفرد عنصرن کي ذهن ۾ رکندي اوهان آڏو وصيع حڪمت عملي ۽ هڪ تاجي پيٽي جي ڳالهه ڪري ٿي ته جيئن اوهان کي خبر هجي ته اهي سڀ تبديليون ۽ حالتون ممڪنه طور ڪهڙو رخ اختيار ڪري سگهن ٿيون ۽ انهن کي ڪيئن سمجهجي، ۽ عدم تشدد واري تحريڪ ڪيئن فتح ماڻي سگهي ٿي. ان چيڪ لسٽ بابت اٽل گواندي تحقيق ڪئي ۽ ان جي اهميت بابت لکيو ته ”هي چيڪ لسٽ ڪافي ماڻهن جو دفاع آهي، انهن جو به جن وٽ تمام گهڻو تجربو آهي، ڪين شڪست کان بچائي سگهي ٿي، اسان کي پنهجين غلطين، غلط فيصلن کان بچائي ٿي چو ته انسان جي حيثيت ۾ اسان سيئي غلطيون ڪندا آهيون“.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته ”انتهائي پيچيدگيءَ واري حالت جڏهن غير يقيني تمام گهڻي هوندي آهي ۽ فردن وٽ موجود ڄاڻ ڪافي نه هوندي آهي، ان غيريقيني واري صورتحال ۾ هيءَ چيڪ لسٽ تحريڪي اڳواڻن ساديون پر اهم شيون ياد رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي ته جيئن جو ڪڏهن ڪڏهن هو عام فهم ساديون ڳالهيون، نقطه، اپاءَ وساري نه سگهن. هيءَ چيڪ لسٽ ان ڳالهه کي يقيني ٿي بڻائي ته جدوجهد جي عمل دوران ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهن ۽ رابطي ۾ رهن جيئن ايندڙ وقت جي اڻٽيڻي ۽ ٽيڻي بابت به اڳڪٿي ڪري سگهن.“

چيڪ لسٽ اهو ڏس ته ڏيندي ته آخري فتح ڪنهن جي ٿيندي، جابر جي يا سول سوسائٽي جي، پر هي لسٽ اوهان لاءِ نشانيون ۽ گس پيش ڪري ٿي ته ڪيئن شهري آزادي جي گهر واري جدوجهد آمريت وارين حڪومتن جو خاتمو آڻين ٿا.

**حوالا ۽ ڪتاب**


1. واءِ سول ريزسٽينس ورڪس: دي اسٽريٽيجڪ لاجڪ آف نان وايولينٽ ڪانفلڪٽ. ليکڪ: چينويٿ ايريڪا، ماريا اسٽيفن، نيو يارڪ، ڪولمبيا يونيورسٽي. صفحو 6.

نواي وي سي او ڊيٽا هتي دستياب آهي
http://www.du.edu/korbel/sie/research/cheno_navco_data.html

نمبر 2، هي حوالو هڪ اسٽڊي مان ورتل آهي جيڪا 1972 کان 2005 تائين ”هائو فريڊم از ون: فرام سوڪ رسزٽينس ٽو ڊيوربل ڊيموڪريسي“ جي عنوان سان هئي، ان جا ليکڪ وڏيڪ لکن ٿا ته ”50 کان 70 ملڪ اهڙا آهن جتي ماڻهن آمريت مان جند آجي ڪري جمهوري آزادي ماڻيون اتي اهم عنصر عام شهرين جون جمهوري جدوجهد ڪارفرما رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ ته 70 سيڪڙو امريتن جو خاتمو توڙي گهڻ قومي ملڪن ۾ ماڻهن کي آزاديون ان فيڪٽر جي ڪري مليون. سال 2005 تائين انهن ملڪن ۾ 32 ملڪ مڪمل آزاد آهن، 14 ڪجھ آزاد آهن ۽ 4 اهڙا آهن جيڪي اجان به آزاد نه آهن.

پيٽر ايڪرمين، اينڊراين ڪرانٽنڪي، 2005. هائو فريڊم از ون: فرام سوڪ رسزٽنس ٽو ڊيوربل ڊيموڪريسي. واشنگٽن، ڊي سي: فريڊم هائوش صفحو 6 ۽ 7.

3. ئلينور مرچنٽ، ادرائين ڪارنٽنڪيڪي، آرچ پڊنگٽن، ۽ ڪرسٽوفر والٽر، 2008. اين ايبلنگ اينوائرونمنٽ فار سوڪ اينگيجمنٽ اينڊ ڊائنامڪس آف ڊيموڪريٽڪ ٽرانزيشن. فريڊم هائوس اسپيشل رپورٽ، جولاءِ 18، صفحو 1.

4. ساڳيو ڪتاب صفحو 1

5. ايريڪا چينوٿ ۽ ماريا اسٽيفن، 2011. واءِ سول ريزسٽينس ورڪس: دي اسٽريٽيجڪ لاجڪ آف نان وايولينٽ ڪانفلڪٽ. ليڪڪ: چينويٿ ايريڪا، ماريا اسٽيفن، نيو يارڪ، ڪولمبيا يونيورسٽي. صفحو 6.

6. ساڳيو ڪٿاب صفحو 1.

7. ساڳيو ڪتاب صفحو 68.

8. ساڳيو ڪتاب صفحو 62.

9. ايريڪا چينوٿ. 2014 ٽريندس ان سول رزسٽنس ۽ اٿاريٽيرين ريسپانس. دي ائٽلانٽڪ ڪائونسل فيوچر آف اٿاريٽيرين پروجيڪٽ. اپريل 15.

10. واءِ سول ريزسٽينس ورڪس: دي اسٽريٽيجڪ لاجڪ آف نان وايولينٽ ڪانفلڪٽ. ليڪڪ: چينويٿ ايريڪا، ماريا اسٽيفن، نيو يارڪ، ڪولمبيا يونيورسٽي. صفحو 66.

11. ٿامس سي شيلنگ. 1968، ”سم ڪيوسچنس آن سولين ڊفينس“. آدم روبرٽس.سولين رزسٽنس ايز اي نيشنل ڊفينس: نان وايلينٽ ايڪشن اگينسٽ اگريشن. هريسبرگ. پي اي: اسٽاڪيپل بڪس. صفحو 302.

12. پيٽر ايڪرمين ۽ جيڪ ڊووال. 2000. اي فورس مور پاورفل: ايس سينچري آف نان وايولينٽ ڪانفلڪٽ. لنڊن:ايس ٽي مارٽن پريس پال گريو ميڪملين. صفحو 113 کان 174.

13. 10. واءِ سول ريزسٽينس ورڪس: دي اسٽريٽيجڪ لاجڪ آف نان وايولينٽ ڪانفلڪٽ. ليڪ: چينويٿ ايريڪا، ماريا اسٽيفن، نيو يارڪ، ڪولمبيا يونيورسٽي. صفحو 30 کان 61.

14. ساڳيو ڪتاب صفحو 30 کان 61.

15. ساڳيو ڪتاب صفحو 46 کان 49.

16. اي فورس مور پاورفل. فلم ڊائريڪٽر اسٽيو يارڪ. يارڪ زمرمين 2000.

17.انيڪا لوڪ بنينڊيجڪ ۽ آئي ون مارووڪ. 2006. پاور ۽ پرسوئيشن: نان وايلينٽ اسٽريٽيجيز ٽو انفلوئنس اسٽيٽ سيڪيورٽي فورسز ان سربيا (2000) ۽ يوڪرين (2004). ڪميونسٽ ۽ پوسٽ ڪميونسٽ اسٽڊيز 39، نمبر 3، (سيپٽيمبر) صفحو 411 کان 429.

18. نيبوجسا ڪووڪ جو انٽرويو، ويسرنجي نووسٽي. آڪٽوبر 2، 2010.

19. اٿل گوانڊي 2009. دي چيڪ لسٽ مينيفيسٽو: هائو ٽو گيٽ ٿنگس رائيٽ. نيو يارڪ: پڪاڊور. صفحو 47.

ساڳيو ڪتاب صفحو 79.